

WWF
"سنڌو سيني لاءِ پروگرام"،
ڊبليو ڊبليو ايف - پاڪستان
هڪ جائزو
Indus
FOREVER

# اسان بابت


”سنڌو سيني لاءِ پروگرام“، جو هي پهريون 6 سالا پروگرام (جولاءِ 2006-جون 2011) سنڌو ماحولي خطي جي سانڊ - پروگرام جي 50 سالہ تخيل جو هڪ حصو آهي. جيڪو ڊبليو ڊبليو ايف، بين الاقوامي سطح تي، گلوبل 200 اِڪوريجن لاءِ ورتل پيش قدمين سان وجود ۾ آيو آهي. هن پروگرام جي مالي سهائتا، رائل نيدرلئنڊس پاڪستان ڪئي آهي. هي پروگرام ڊبليو ڊبليو ايف -پاڪستان، سنڌ سرڪار، مقامي تنظيمن ۽ مقامي آبادين جي مڪمل تعاون سان هلي رهيو آهي.

”سنڌو سيني لاءِ پروگرام“، جو مقصد سنڌو ماحولي خطي جي مقامي آبادين جي مدد سان قدرتي وسيلن جو تحفظ ڪرڻ ۽ سنڌن ذريعہ معاش ۾ بهتري آڻڻ آهي.

## هن پروگرام جا هيٺيان مول متا آهن

- چئن ترجيحي علائقن (ڪيٽي بندر، ڪينجهر ڍنڍ، پئي ٻيلو ۽ چوٽياريون رزروائر) ۾ مقامي آبادين جي سهڪار سان قدرتي وسيلن جي سار سنڀال لهڻ ۾ بهتري آڻڻ.
- غربت ۽ ماحول جي وچ ۾ تعلق کي رٿا ۽ پاليسي سطح تي مکيہ ڌارا ۾ شامل ڪرڻ تہ جيئن قدرتي وسيلن ۽ ماڻهن جي گذر سفر ۾ بهتري آڻي سگهجي.
- مختلف سطحن تي پائدار طريقن سان ماحولياتي سار سنڀال لهڻ لاءِ اداره سازي ۽ سجاڳي پيدا ڪرڻ ۾ بهتري آڻڻ.
- لاڳاپيل ڌرين جي شموليت ذريعي هم آهنگي ۽ تعاون پيدا ڪرڻ.

پروگرام تي عملدرآمد واري پهرين مرحلي ۾ جن چئن اهم ماحولياتي خطن جي چونڊڪئي وئي آهي انهن ۾ هيٺيان ماڳ شامل آهن: ضلعي ٺٽي ۾ ڪيٽي بندر (ساحلي ماحولياتي خطو) ۽ ڪينجهر ڍنڍ (تازي پاڻيءَ جا ماڳ)، سانگهڙ ضلعي ۾ چوٽياريون رزروائر (صحرائي آبگاهن وارو خطو) ۽ شهيد بينظيرآباد ضلعي ۾ پئي ٻيلو (ٻيلن وارو ماحولياتي خطو).




سنڌو درياہ جي هيٺين طاس جو نقشو

# مقامي آبادين کي خودمختيار ڪرڻ

هن پروگرام جي اها هڪ فخريہ ڳالھ آهي تہ هي مقامي برادرين جي تنظيمن سان ڀائيچاري جي بنياد تي ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ساڳئي وقت ترجيحي هنڌن تي رهندڙن ۾ مالڪيءَ جو گهرو احساس بہ پيدا ڪري رهيو آهي



### مقامي ڳوٺاڻيون تنظيمون

چاليهن کان متي مقامي ڳوٺاڻيون تنظيمون جوڙيون ويون آهن ۽ انهن کي پائدار ترقي ۽ قدرتي وسيلن جي سانڀ لاءِ اپاءَ وٺڻ جهڙين ڳالهين جي سکيا بہ ڏني وئي آهي

### فيصلہ سازي ۾ صلاحيت جو واڌارو

انهن تنظيمن جون لياقتون ۽ قابليتون وڌائڻ لاءِ کين تنظيم ڪاري، رٿائون جوڙڻ، تائيد حمايت حاصل ڪرڻ، قدرتي وسيلن تي نظر رکڻ ۽ معلوماتي دورن (Exposure visits) ذريعي تربيت ڪئي وئي آهي

# قدرتي وسيلن تي مدار رکندڙ ڪاروبار



هن پروگرام رستي قدرتي وسيلن جي بنياد تي هلندڙ ڪاروبار شروع ڪيو ويو آهي ته جيئن مقامي آبادين جي فائدي لاءِ پوکي راهيءَ جي رسمي طريقن جو ڊگهي عرصي تائين بچاءُ ٿي سگهي



## ائڪوا ڪلچر

ڪينجهر ڍنڍ تي، مقامي مهاڻن جي مڇيءَ جي پيداوار رستي آمدني وڌائڻ خاطر، هن پروگرام هيٺ پين ڪلچرنگ (ماحول دوست طريقن سان مڇيءَ جي پيداوار وڌائڻ) ۾ متعارف ڪرائي وئي آهي. اهو ڪاروبار، مقامي تنظيم جي انتظام هيٺ هلي رهيو آهي ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ منافعي مان هن ڪاروبار کي اڳان زور وٺرايو ويندو.



## سبزي مارڪيٽ

چونڊيل ريگستاني علائقي ۾ هن پروگرام هيٺ ڪيترائي پچر اريگيشن (Pitcher Irrigation) يونٽ ٺاهيا ويا آهن. جن رستي هن خشڪ علائقي جا رهاڪو سولائيءَ سان ساوڪ ڀاڄيون اپائي مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪري سگهن ٿا. هن ڪاروبار کي زور وٺائڻ ۽ سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ هڪ سهڪاري/ ڪو آپريٽو سوسائٽي به جوڙي پئي وڃي.



## ٻيڙين جي انجڻين جي مرمت جو دڪان

ڪيٽي بندر جي ڀرپاسي ڳوٺن ۾ رهندڙ مهاڻن جي مدد لاءِ، ڪيٽي بندر ۾ ٻيڙين جي انجڻين جي مرمت ڪرڻ جو هڪ دڪان/ورڪشاپ به قائم ڪيو ويو آهي، جيڪو پنهنجيءَ نوعيت جو پهريون ورڪشاپ آهي. مقامي ورڪشاپ هجڻ سبب، ٻيڙين جي ٿورڙي خرچ سان مرمت ٿي سگهندي ته مقامي ماڻهن کي به اهڙي ڪم سکڻ جو موقعو ملي سگهندو.



## ڪميونٽي جي انتظام هيٺ قائم نرسريون

پٽي ٻيلي جي پسگردائي ۾ رهندڙ آباديون نرسريون هٿي ۽ انهن جو ٻيجارو مارڪيٽ ۾ وڪڻي رهيون آهن. ان ڪاروبار مان مقامي آباديءَ کي آمدني ٿيندي رهي ٿي ته ساڳئي وقت پٽي ٻيلي جي سار سنڀال لهڻ ۾ به سندن شموليت ٿيندي رهي ٿي.

# متبادل توانائي



پن چڪين، شمسي توانائيءَ جا يونٽ هڻڻ ۽ ٻارڻ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ پوڪيل وڻن سان مقامي برادرين جي پيٽ گذر جون ضرورتون پوريون ٿين ٿيون جنهنڪري سندن قدرتي وسيلن تي مدار گهٽجي وڃي ٿو.



## توانائي حاصل ڪرڻ لاءِ وڻ پوکڻ

ٻارڻ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ مقامي ماڻهن ٻاران وڻ ۽ ٻيلا ڪٽڻ جي رجحان کي روڪڻ لاءِ، ترجيحي هنڌن تي اهڙا وڻ پوکيا ويا آهن جيڪي ماڻهن جون نہ رڳو ٻارڻ جون ضرورتون تہ سندن مال جي چاري جون گهرجون بہ پوريون ڪري سگهندا. جنهن سبب آس پاس جي ٻيلن ۽ چراگاهن تي وڌندڙ دٻاءُ گهٽجي ويندو.



## بايو گئس پلانٽ هڻڻ

ترجيحي هنڌن تي بايو گئس جهڙي سادي ٽيڪنالاجيءَ جا ڪامياب تجربا ڪيا ويا آهن. بايو گئس يونٽن رستي، حاصل ٿيندڙ گئس تي رڌ پچاءُ ڪري سگهبو تہ روشني جون ضرورتون بہ پوريون ٿي سگهنديون. ان ڪانسواءِ اهڙن يونٽن رستي نيم پاڻيٺي (Slurry) حالت ۾ بهترين قسم جو ڀاڻ بہ حاصل ٿي سگهي ٿو.هن وقت تائين ترجيحي ماڳن ۾ بايو گئس جا 21 يونٽ متعارف ڪرايا ويا آهن.



## ڪيٽي بندر ۽ ڪينجهر تي پن چڪيون

ڪيٽي بندر ۽ ڪينجهر جا اهڙا هنڌ جتي مقامي آبادين کي بجليءَ جي سهوليت ميسر ناهي، اتي پن چڪين ۽ شمسي توانائيءَ رستي بجلي حاصل ڪرڻ جا ڪيترائي طريقا متعارف ڪرايا ويا آهن. جيڪي ان ڳالهہ جو ثبوت آهن تہ هي پروگرام مقامي ماڻهن جي سهائتا ڪرڻ ۾ ڪيترو اهم آهي. اهڙيون سهولتون کين قدرتي وسيلن کي بچاءُ ڪرڻ لاءِ رغبت پيدا ڪنديون.



## شمسي توانائيءَ جا يونٽ

هن پروگرام هيٺ، ٽن مختلف هنڌن تي شمسي توانائي حاصل ڪرڻ جا ٽي يونٽ هنيا ويا آهن. جيڪي 200 واٽن کان 400 واٽ بجلي پيدا ڪري سگهن ٿا. انهن يونٽن رستي ماڻهن کي لاڳيتو بجلي ملندي رهندي ۽ انهن جي سنڀال ڪرڻ بہ آسان آهي جنهنڪري اهي گهڻا مقبول ٿيا آهن.

# ماڻهن جي گذر سفر ۾ بهتري




اسان جو عزم، مقامي آبادين جي گذر سفر ۾ بهتري آڻڻ لاءِ سائن
گڏجاڻيون ڪرڻ ۽ گذر سفر جا بهتر نعم البدل ڳولڻ ۾ ڪين
همٿائڻ آهي ته جيئن سندن وڌيڪ آمدني ٿي سگهي.



## هنري مرڪز

چئن ماڳن تي عورتن لاءِ هنري مرڪز قائم ڪيا ويا آهن. انهن جو مقصد عورتن کي گذر سفر جا متبادل موقعا ڏيڻ آهي ته جيئن انهن جي آمدني وڌي سگهي



## گذر سفر/ذريعہ معاش وڌائڻ جون رٿائون

ذريعہ معاش وڌائڻ جا 16 پلان تيار ڪيا ويا آهن، جن هيٺ هيٺين چئن شعبن تي ڪم ڪيو ويندو: مڇي پالڻ، زراعت / چوپايو مال، سماجي مسئلا (Cross Cutting Issue) ۽ عورتن جا مسئلا. ذريعہ معاش جي اهڙين رٿائن جي تياري ۽ آمدني وڌائڻ لاءِ انهن شعبن جي چونڊ مقامي آبادين جي ڀرپور شموليت جو نتيجو آهي.

# رابطو، تعليم ۽ عوامي جاڳرتا




هن پروگرام ۾ ماحول جي تحفظ ۽ پائداريءَ لاءِ مقامي آبادين کي نہ رڳو شامل ڪيو ويو آهي پر آباديءَ جي سيني فردن کي سکيا ڏيڻ لاءِ هڻ وقف بہ ڪري ڇڏيو آهي



### ميڊيا تائين رسائي

هن پروگرام هيٺ اخبارن، رسالن، ٽي وي ۽ ريڊيو جي ماهرن کي ورڪشاپ ذريعي شامل ڪرڻ، ترجيحي ماحولي خطا ڏيکارڻ، نامور فردن سان ٽي وي/ ريڊيو تي لاڳاپيل موضوعن تي ڳالهائڻ، ڊاڪيومينٽريون ٺاهڻ، خبرون ڏيڻ ۽ پريس رليز/ پڌرايون شامل آهن. انڪانسواءِ تازو ئي ماحولياتي صحافين جو هڪ فورم "انڊس جرنلسٽس فورم" نالي فعال ڪيو ويو آهي.



### اسڪولن ۽ نوجوانن تائين رسائي

نوجوانن ۽ اسڪول ويندڙ ٻارن ڏانهن ڀرپور ڌيان ڏيڻ لاءِ پروگرام جي جامع ماحولياتي تعليمي شعبي هيٺ، هن ماحولي خطي جي اسڪولن ۾ اهڙي ڄاڻ ڏني وڃي ٿي، اسڪولن جي استادن کي پڻ سکيا ڏني وئي آهي، نيچر ڪلبس (Nature clubs) قائم ڪيون پيون وڃن، فطرت جي مشاهدي ۽ اپياس ڪرڻ لاءِ ڪئمپيون پڻ هنيون ويون آهن.



### ماڻهن تائين رسائي

جيئن تہ ڪامياب سانڍ جو مدار سجاڳي پيدا ڪرڻ ۽ مقامي آبادين کي اهڙن پروگرامن ۾ شامل ڪرڻ تي ٿئي ٿو تنهنڪري هن پروگرام هيٺ اهڙيون ڪوششون ورتيون پيون وڃن تہ جيئن مقامي آبادين ۾ ورڪشاپن رستي قدرتي وسيلا استعمال ڪندڙن، عورتن جي انجمنن، مقامي سطح تي ميلن ملاکڙن ۽ اسٽيج ڊرامن رستي ڪين معلومات جي ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي سان ڪچهرين رستي اهڙو احساس پيدا ڪري سگهجي. ڪينجهر ۽ چوٽيارين رزروائر تي معلوماتي مرڪز قائم ڪري مقامي آبادين ۾ هلندڙ سجاڳي وارن ڪمن جي پذيرائي ڪئي پئي وڃي.



### مذهبي رسائي


ماحولياتي سانڍ جي ڪمن ۾ مذهبي عالمن ۽ پيش امامن پاران ماحول ۽ اسلام جي تحفظ جي موضوع تي واعظ بہ ڪرايا پيا وڃن. ان سلسلي ۾ "تحفظ ماحول ۽ اسلام" جي عنوان سان سنڌيءَ ۾ هڪ ڪتاب بہ شايع ڪيو ويو آهي.



### تعليمي ۽ تحقيقي ادارن تائين رسائي

سنڌو ماحولي سرشتي جي مختلف پهلوئن تي تحقيق جي ڪم کي هٿي ڏيڻ لاءِ قومي ۽ بين الاقوامي تعليمي ۽ تحقيقي ادارن جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن ٿيون. ان لاءِ موجوده مسئلن جهڙوڪ: موسمي تبديلين ۽ ماحول مان حاصل ٿيندڙ سهوليتن جي موٽ ۾ اسانکي ڇا ۽ ڪيترو ڀرڻو پوي ٿو، عام طور تي تحقيق جا موضوع هجن ٿا.

# ترقي ۽ ماحول جي تحفظ جي مددي پاليسي



وڌندڙ غربت ۽ گھٽجندڙ قدرتي وسيلن جي لاڳاپي ۽ آبادين تي پوندڙ اثرن کي پاليسي سطح تي ٿيندڙ ڄاڻ تي مبني فيصلن ۽ تحقيق رستي حل ڪري سگھجي ٿو

### ماحول کي پاليسي ۽ رٿا بندي ۾ ضم ڪرڻ

"سنڌو سيني لاءِ پروگرام" ضلعي، صوبائي ۽ قومي سطح تي سرڪاري لاڳاپن کي همٿائي ٿو ته جيئن ترجيح جي بنياد تي ماحولياتي مسئلن کي پنهنجين حڪمت عملين ۽ رٿائن ۾ شامل ڪن. ماحولياتي قانونسازي تي هڪ ڪتاب به شايع ڪئي وئي آهي.

### سرڪار سان لاڳاپا سگھارا ڪرڻ

هي پروگرام سانڌ جي پروگرامن ۾ پيٽ گذر جي بهتريءَ لاءِ سرڪار، عوام ۽ خانگي شعبي سان پنهنجا لاڳاپا هم آهنگ رکڻ لاءِ هميشہ پيش قدمي ڪندو رهيو آهي. ان لاءِ واسطيدار فردن (Multi-Stakeholders) سان لاڳاپا وڌائڻ لاءِ باقاعدگيءَ سان گڏجاڻيون ۽ گڏيل ڪم ڪار ڪرڻ تي زور ڏيندو رهي ٿو.

PRSP
MTDF

### قومي سطح تي ٺهندڙ پاليسين ۾ غربت ۽ ماحولياتي مسئلن جي شموليت

قومي سطح تي ٺهندڙ پاليسين ۾ غربت ۽ ماحولياتي مسئلن کي شامل ڪرڻ لاءِ به پروگرام ڪوششون وٺي رهيو آهي ته ساڳئي وقت غربت گھٽائڻ جي نون طريقن جي کوجنا ڪرڻ ۽ قدرتي وسيلن جي تحفظ لاءِ به ڪم ڪري رهيو آهي. پاليسي سطح تي جڙيل اهڙن پاليسي وارن دستاويزن ۾ صوبائي ۽ ضلعي سطح جا "ساليانا ترقياتي منصوبا"، ناڻي واري وزارت جو "غربت گھٽائڻ جي حڪمت عملي جو پيپر" ۽ وچولي مدي وارو ترقياتي ڍانچي وارو دستاويز شامل آهن

# غربت ۽ ماحول جو تعلق



پروگرام تحت غربت ۽ ماحول جي تعلق کي صوبائي کان قومي سطح تي لاڳاپيل ڌرين (StakeHolders) جي ڪم ۾ حاصل ڪيل نتيجن کي شامل ڪرڻ

### اقتصادي لحاظ کان ملهه ڪٿڻ

هن پروگرام هيٺ نئين تحقيق ڪرڻ جهڙوڪ: چئني ماڳن جي ملهه جو ڪاٿو ڪرڻ ۽ پنجن ئي ماحولي سرشتن جو روپين ۾ حساب ڪرڻ يعني دريائي، تازي پاڻي، چراگاهي، ٻيلي ۽ زرعي ماحولي سرشتن جي قيمت ڪٿڻ. رهڻي جي حساب سان، قيمت ڪٿڻ سان ماحولياتي ملهه ۽ ترقياتي ملهه جي ڪارائتي پيٽ ڪري سگهجي ٿي. ان سلسلي ۾ خاص طورتي رٿون جوڙيندڙ ۽ حڪمت عمليون ٺاهيندڙن جي، قيمتي قدرتي وسيلن جي سانڍ ڪرڻ تي ٿيندڙ خرچ کي جائز قرار ڏيڻ ۾ مدد ڪري سگهي.

### غربت-ماحول جو لاڳاپو ۽ ان جا نشاندهي ڪندڙ اهڃاڻ

هن قسم جي اڀياس مان غربت ۽ ماحولياتي دٻاءُ جي گهري لاڳاپي جي ڄاڻ پنجي سگهندي. ان لاءِ سڄي پروگرام جي چئني ماڳن جي 20 لاڳاپن جي نظرثاني ڪرڻ ڪانپوءِ ڪل 14 اهڃاڻ ترتيب ڏنا ۽ پرکيا ويا آهن. ماحول ۽ ماحول جون نشاندهي ڪندڙ اهڃاڻ اهڙيءَ طرح سان جوڙيا ويا آهن جو اهي اهڙن ماڳن جي ماحولياتي وسيلن جي قدرتي حياتياتي ڦيرن/ سائيڪلن کي ڪنهن ٻه وڏي ڇيهي رسڻ کان اڳ ۾ ايندڙ تباهيءَ جي طرزن کي جوڳي موٽ ڏئي سگهجي.

# گڏيل فنڊ




## انڊس ايڪوريجن جي ڊگهي عرصي تائين هلندڙ سانڊ پروگرام ۾ گڏيل فنڊ رستي چئن ترجيحي ماڳن کان علاوه ٻين ماڳن ۾ سانڊ جا مسئلا حل ڪرڻ



### توانائيءَ جي ذريعن جا نعم البدل وڌائڻ

هن پروگرام هيٺ هن وقت تائين سنڌو ماحولي خطي جي دور دراز علائقن ۾ ڪيترائي بايو گئس پلانٽ ۽ ڏهه پن چڪيون هنيون ويون آهن. انهن هڻڻ سان مقامي آبادين جو قدرتي وسيلن تي مدار گهٽجي ويندو ۽ محدود گهريلو آمدني پاڻ پري ٽيڻ لڳندي



### ٻيلا وڌائڻ

مقامي آبادين جي شموليت سان رضاڪارانه تنظيمن کي ٻيلن وڌائڻ جي ڪم ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ان مقصد لاءِ مياڻي ٻيلي ۾ 1000 ايڪڙن کان مٿي وڻن جو ٻيجارو هنيو ويو آهي، ٻوهڙڪي ٻيلي جي 100 ايڪڙن کان مٿي وڻ پوکيا ويا آهن. اميد آهي ته، اهڙيون رٿائون سنڌو ماحولي خطي ۾، حڪومتن ۽ غير سرڪاري تنظيمن لاءِ ٻيلن کي ٻيهر آباد ڪرڻ جا مثال ثابت ٿيندا.



### مٺي پاڻي جي ڍنڍن کي مڇيءَ سان ٻيهر مالا مال ڪرڻ

تنظيمن جي سهڪار سان مڇيءَ جو ٻيجارو وڌائڻ لاءِ مڇيءَ جون نرسريون به قائم ڪيون ويون آهن ته جيڪي پوءِ ڍنڍن جهڙوڪ ڪينجهر ۾ ڇڏيا ويندا ته جيئن ڍنڍ ۾ مڇيءَ جي ذخيري ۾ واڌارو ٿئي ۽ مقامي مهاڻن جو گذر سفر به بهتر ٿي سگهي.

## مقصد:

ڊبليو ڊبليو ايف. پاڪستان قدرتي ۽ ماحولياتي عملن جي تحفظ جي عزم سان هيٺين ريت ڪم ڪري ٿي:

- جينياتي (Genetic) جنس (Species) ۽ ماحولي سرشتن (Ecosystems) جي گوناگونيت سانڍڻ.
- اهو يقين ڪرڻ تہ قابل تجديد قدرتي وسيلن جو نہ رڳو هاڻ پر ڊگهي عرصي لاءِ پائدار طرح سان استعمال ڪيو وڃي ٿو.
- اهڙن عملن کي همٿائڻ جن رستي غلاظت/ گدلاڻ گهٽجي سگهي ۽ توانائيءَ جي مختصر ذريعن جو زيان ٿي نہ سگهي.

## "سنڌو سيني لاءِ پروگرام" جو تصور

انسان فطرت سان مڪمل هم آهنگي سان زنده رهي ۽ گوناگو جيوت بہ ڀرپور طرح سان واڌ ويجهہ ڪري سگهي

هن ڪتاب ۾ سڀ تصويرون ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان ۽ 'سنڌو سيني لاءِ پروگرام' مهيا ڪيون آهن.

هن ڪتابڙي جو تصور ڏيندڙ: ڊاڪٽر غلام اڪبر

سهيڙيندڙ ۽ لي آئوٽ : مهرالنساءِ حميد ، رِنواز

ليکڪ : رب نواز، محمد ظفر خان، خديجہ ظهير، شهزادي تنيو ۽ مهرالنساءِ حميد

ايڊيٽر : ناصر علي پنهور

مترجم : ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو

سنڌو سيني لاءِ پروگرام، ڊبليو ڊبليو ايف - پاڪستان
پروگرام مينيجمنٽ يونٽ
606 ,607, فارچون سينٽر بلاڪ6،
پي.اي.سي.ايچ.ايس، مين شاهراه فيصل، ڪراچي.